# رحيمداد مولائي شيدائي بحيثيت شاعر

# Hassan NizamulMulkTulsi as a Muslim Thinker

1. ڊاڪٽر نصرالله ڪابورو
2. ڊاڪٽر محمد علي لغاري

**Abstract:**
On the various topics of history in Sindh, Rahimdad Khan Moulai has presented with homage and style, his work on history is extraordinary, which will retain its importance in every period. This aspect of his life is presented in the paper, which aims at highlighting the skills that Moulai Sahib possessed besides the historian, understanding his temperament and nature, along with his life story in this paper. As poetic thought is presented, history is a much drier topic than poetry, but Rahimdad Khan Moulai Shadai has dealt with both of these. His skills have been studied in this paper.

## آباءُ اجداد:

مير رحيمداد خان مولائي شيدائي ولد شير محمد خان بن رحيمداد خان ولد مير جمع خان اصل بلوچستان ۾ مستونگ جي ويجهو هڪ ڳوٺ جو رهاڪو هو. اتي مير جمع خان (سندس تڙ ڏاڏي) کي انعامي زمين مليل هئي، جنهن تي سندس گذر سفر هوندو هو. 1839ع ۾ پهرين افغان جنگ وقت انگريزن ڪابل فتح ڪرڻ کان پوءِ جنرل قلشائز کي توبخاني سميت قلات تي حملي ڪرڻ لاءِ موڪليو. ان لڙائيءَ ۾ مير محراب خان ثاني ٽيپو سلطان وانگر وڙهندي ميريءَ تي شهيد ٿيو. انگريزن ناجائز طور مير شاهنواز کي تخت تي ويهاريو.[1] انگريزي فوجن ايندي ويندي بلوچستان کي ايتري قدر ته لُٽيو جو قلات جي اقتصادي حالت نهايت خطري ۾ پئجي ويئي. انهيءَ ابتري ۽ افراتفريءَ سببان ڪيترائي بلوچ ۽ بروهي قلات کان ڇڏي روزگار جي تلاش لاءِ سنڌ ڏانهن آيا. شيدائي صاحب جو ڏاڏو مير رحيمداد خان پڻ وطن کي خيرباد چئي سنڌ ۾ آيو ۽ سيوهڻ وارد ٿيو. اهڙي طرح قدرت هڪ مايہ ناز هستي قلات کي سنڌ موڪلي ڏني. اتي ڪجهه وقت عباسي قاضين وٽ مهمان ٿي رهڻ کان پوءِ ڪوٽڙيءَ ۾ اچي لٿو جتي اڳيئي

ڪڇ ۾ بروهي رهندا هئا. اتي ئي سندن شادي ٿي.[2] مولائي بروهين جي شهواڻي سهري زئي قبيلي جو فرد آهي. مولائي صاحب جو والد بزرگ ولد مير شير محمد خان نانگي جي لائين ۾ ڄائو هو. جڏهن انگريزن 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪئي، تڏهن مير سردار خان پڻ اٺ ٻاتري (ڪيمل ڪراپس) ۾ ڀرتي ٿيو. سنڌ ڏانهن هجرت ڪري اچڻ سبب کين هڪڙو فائدو هي ٿيو جو مولائي صاحب جو والد اسڪول جي تعليم حاصل ڪرڻ لڳو. تعليم هئڻ سبب جڏهن ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين ريلوي لائين شروع ٿي تڏهن هن کي لوڪو شيڊ ۾ فائر مين جي نوڪري ملي. ان عرصي ۾ رحيمداد خان حوالداريءَ جي عهدي تي پهچڻ کان پوءِ فوج مان رٽائر ٿيو. ٻي افغان ويڙهه وقت جڏهن ريلوي لائين ڪوئيٽا تائين پهچي ويئي تڏهن مير شير محمد خان فائر مين مان ترقي ڪندو وڃي انجڻ ڊرائيور جي عهدي تي پهتو. ان کان پوءِ جڏهن ريلوي لائين کي ملتان سان ڳنڍيو ويو تڏهن مير شير محمد کي بدلي ڪري سکر جي انجڻ شيڊ ۾ رکيو ويو.

## جنم، تعليم ۽ تربيت:

سنڌ جي مؤرخ رحيمداد خان مولائي شيدائي 1894ع ۾ سکر ۾ جنم ورتو. مخمور بخاري سندس جنم 1891ع لکيو آهي.

شيدائي صاحب جڏهن پڙهڻ لکڻ جي عمر کي پهتو ته سندس والده جي مرضي هئي ته سندس سڪيلڊو فرزند مولوي ٿئي، ڇو ته انهن ڏينهن ۾ مُلن ۽ مولوين کي وڏي قدر ۽ عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. ان ڪري مولائيءَ کي غريب آباد سکر ۾ آخوند امام بخش ابڙي جي مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو، جتي هن قاعده بغدادي پورو ڪيو پر جيئن ته آخوند صاحب جلدي وفات ڪري ويو، تنهنڪري مولائيءَ کي پوءِ آخوند عبدالحڪيم پٽي جي مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو. انهيءَ دؤران سندس والد هن کي سنڌي اسڪول ۾ ويهاريو، ڇو جو سندس والد گهڻي سوچڻ کان پوءِ اهوئي بهتر سمجهيو ته ڇوڪري کي جديد تعليم ڏيارجي. جيئن ته سندس والد مذهبي تعليم جو حامي هو، تنهنڪري پاڙي جي هڪ پوڙهي عورت روزانه اچي مولائيءَ کي قرآن حڪيم جي تعليم ڏيندي هئي. جيئن ته مولائي صاحب هاڻي عربي ۽ فارسي

زبان مان ڪنهن قدر واقف ٿي چڪو هو. تنهنڪري سنڌي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ هن کي ڪا بہ رنڊڪ ڪانہ ٿي. سنڌي چوٿين درجي ۾ پهچڻ کان پوءِ مولائيءَ کي مطالعي جو شوق پيدا ٿيو جيڪو ڪجهہ عرصي کان پوءِ جنوني ڪيفيت اختيار ڪري ويو. حالت اها هئي جو گهران جيڪا خرچي ملندي هيس، ان مان ڪتابن جي خريداري ڪندو هو. ان زماني ۾ مولائي صاحب فقط افسانوي ڪلاسيڪي ادب ۽ نيم تاريخي قصن ۽ ڪهاڻين سان ئي شغف رکندو هو ۽ انهن جو ئي اڀياس ڪيائين. جنهنڪري اڳتي هلي هن کي تاريخ جي علم جي مطالعي جو شغف وڌيو.

مولائي صاحب 1919ع ۾ جڏهن يارڊ فورمين جي عهدي تي هو تہ شادي ڪيائين. ان شاديءَ مان کيس ڇهہ ٻار ٿيا. جي رب جي رضا سان ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويا. ڪجهہ عرصي کان پوءِ سندس زال بہ گذاري ويئي. انهيءَ کان پوءِ مولائيءَ ٻي شادي ڪئي، جنهن مان کيس هڪ نياڻي پيدا ٿي، جيڪا خدا جي فضل ساحيات آهي. نرينو اولاد ڪونہ ٿيو البت کيس بہ اڳ ڄاوا فرزند آهن، جيڪي ٻئي لائق ۽ چڱن عهدن تي فائز آهن. سي عبدالرشيد ۽ عبدالمجيد اهن. مرحوم جي شاديءَ جي سلسلي ۾ محترم شوڪت خواجائيءَ جي هڪ روايت هن طرح آهي تہ. هن کي جوانيءَ ۾ پنهنجي عزيز (ماسات) لاليءَ سان محبت ٿي. پر مائٽن جي ضد سبب شادي ٿي نہ سگهي.

سن 1913ع ۾ ڇهہ درجا انگريزي پڙهڻ کان پوءِ مولائي صاحب اسڪول کي خيرباد چئي روهڙيءَ جي انجڻ شيڊ ۾ ڪلينر / فائرمين ڀرتي ٿيو جتان هن کي سٽت ترقي ڏيئي ريلوي ٽرئفڪ کاتي ۾ ٽرين ڪلارڪ مقرر ڪيو ويو.[3] مولائي صاحب جيئن تہ جسماني طور مضبوط ۽ خوبصورت جوان هو تنهنڪري ڪجهہ عرصي کان پوءِ ڊسٽرڪٽ ٽرئفڪ آفيسر کيس اچا بہ ترقي ڏيئي روهڙي اسٽيشن تي يارڊ فورمين مقرر ڪيو. اهڙي نموني ترقي ڪندو گارڊ تي عهدي تي پهتو. مولائي صاحب پاڻ بہ مزدوريءَ مان وڌي ان حيثيت کي پهتو هو. تنهنڪري مزدورن جي مسئلن کان چڱي طرح واقف هو ۽ انهن جي تڪليفن جو هن کي احساس هوندو هو. تنهنڪري ريلوي ملازمت جي سڄي عرصي ۾ هن کي ريلوي جي ننڍن ملازمن سان دلي همدردي هوندي هئي ۽ انهن جي مدد پڻ ڪندو هو. ايتري تائين جو هنن کي

درخواستون بہ پاڻ پنهنجي هٿن سان لکي ڏيندو هو. نہ صرف اهو پر انهن جي سفارش و وڪالت ڪرڻ لاءِ بالا آفيسرن وٽ بنا ڪنهن دپ جي ويندو هو ۽ اهڙي طرح انهن جي مدد ڪندو هو. سندس اها روش ملازمت جي سڄي عرصي ۾ نہ بدلي. مولائي صاحب ريلوي جي مزدورن ۾ ايترو تہ معزز ۽ مقبول رهيو جو هو جنهن بہ اسٽيشن تي ايندو هو تہ ريلوي جا سپيئي ملازم اچي سندس آڌر ڀاءُ ڪندا هئا، باقي اڪثر بالا عملدار سندس سخت طبيعت سببان سندس مخالفت ڪندا هئا. اهڙي نااتفاقي هوندي بہ ريلوي عملدارن ۾ مولائي صاحب ڪمال عزت سان سڏيو ويندو هو ۽ کين مٿس پورو ڀروسو هوندو هو. جڏهن انگلينڊ کان ڪو وفد يا شادي خاندان جو ڪو فرد هندستان ايندو هو تہ ريلوي اختياريءَ وارا انهن جي اسپيشل ٽرين ۾ خاطر خواهہ ۽ معقول انتظام رکڻ لاءِ مولائي صاحب کي بہ ضرورت صلاحڪار ڪري ڪٺندا هئا.[4] مثلاً لائيڊ بئراج کُلڻ وقت گورنر جي اسپيشل ٽرين سان مولائي صاحب کي ئي لڳايو ويو. هندستان جو وائسراءِ لارڊ ارون جڏهن رياست بهاولپور ۾ شڪار کيڏڻ لاءِ آيو تہ سندس اسپيشل ٽرين سان مولائي صاحب کي مقرر ڪيو ويو. پرنس آف ويلس جيڪو پوءِ ايڊورڊ اٺين جي نالي سان تخت تي ويٺو. جڏهن راولپنڊيءَ ۾ رائل ٽورناميٽ کيڏڻ آيو تہ ان جي اسپيشل ٽرين سان مولائي صاحب کي سٺي انتظام ڪرڻ لاءِ ڪنيو ويو. انهن ٿورڙن مثالن سان واضح ٿي وڃي ٿو تہ مولائي صاحب تي ريلوي اختيارين جو ڪيتري قدر اعتماد هو ۽ سندس لياقتن ۽ اهليت کان متاثر هئا. 1939ع ۾ 45 سالن جي ڄمار ۾ ريلوي جي ملازمت تان استعيفا ڏيئي پاڻ کي سرڪاري ملازمت کان آجو ڪيائين. 5 نوڪريون ڇڏڻ کان پوءِ اٺ هزار رپين ۾ هن صاحب سکر جي هڪ نظاريدار ٽڪري King Hills جي پُرسڪون ايراضي ۾ هڪ ننڍي پر عمده جاءِ جوڙائي.

## رحيمداد مولائي شيدائي بحيثيت شاعر:

مولائي شيدائيءَ کي شعر و شاعريءَ سان شاگرديءَ واري زماني کان وٺي لڳاءُ رهيو هو. ان زماني ۾ وقت جي مشهور سنڌي خواه اردو شاعرن جو چيدو چيدو ڪلام گڏ ڪرڻ بہ سندس شغل ۾ شامل هو. مولائي شيدائي کي سندس هم جماعت دوست سيد علي رضا شاهہ جيڪو سکر جي مشهور ڊاڪٽرن مان ليکيو ويندو هو ان وٽان سخن بي نظير نالي هڪ

ڪتاب مليو جنهن ۾ ان دؤر جي مشهور اردو شاعرن جو منتخب ڪلام گڏ ڪيو ويو هو. ان ڪتاب جي ديباچي ۾ شاعريءَ جي فن تي سير حاصل بحث ڪيو ويو هو. ان شاعري ۽ ديباچي کي ڏيان سان پڙهڻ کان پوءِ مولائي شيدائيءَ کي شاعريءَ جي فن بابت تمام گهڻي واقفيت ٿي ۽ شعر چوڻ جو شوق پڻ جاڳيو. هن تڪبندي شروع ڪري ڏني، پر جيئن تہ سندس شعر بلڪل ڪچوءِ بي چسو ڦڪو هوندو هو، انڪري سندس دوستن بہ همت افزائي نہ ڪئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو مولائيءَ تي جيترو جلدي شعر چوڻ جو جنون سوار ٿيو اوترو جلدي ختم ٿي ويو. ريلوي جي نوڪريءَ جي آخري زماني ۾ ڪيس وري ساڳيو شعري جنون اڀريو ۽ سندس ڪلام کي ادبي حلقن ۾ سارا هيو ويو ۽ هو وڏيڪ تيزيءَ سان طبع آزمائي ڪرڻ لڳو پر اها جنوني ڪيفيت بہ گهڻي سٽ نہ سهي سگهي ۽ سال ٻن اندر سرد ٿي ويئي. مولائي شيدائي جنهن اهتمام سان شعر چيو ان اهتمام سان پنهنجي شعر کي سانڍيو ڪونہ، جنهن جي نتيجي ۾ سندس شعر جو وڏو حصو ضايع ٿي ويو آهي.[5] مولائي شيدائي فقط غزل يا نظم ڪونہ چيا آهن، پر شاعريءَ جي ٻين ڪيترين صنفن تي بہ پاڻ آزمايو اٿس، جن مان ڪافي، بيت ۽ گيت قابل ذڪر آهن. جي رسالي سنڌو جيڪب آباد ۾ وقت بوقت ڇپجي چڪا آهن. قديم نوع تي جديد شاعرن بہ طبع آزمائي ڪئي. سکر واري شيخ اياز انهن صنفن کي نئين رنگ سان پيش ڪري جديد شاعريءَ ۾ عروج حاصل ڪيو. سکر جو امير علي شاهہ جامي، معصومي، دائودپوٽي، ولي محمد ولي رحيمداد خان مولائي شيدائي کي جديد رنگ ۾ بهترين عروضي شاعر چيو آهي. هيٺ سندس بيت ڏجن ٿا:

انگ نہ ڏيڪ اڳڙين سين، تنهنجو شاهاڻو شان،
تو ڪيئن ٻن وسايو خانڪي خاڪ مڪان،
تو نرگس چوڏس ڦلاريا، تو لالا تو ريحان،
تنهنجي ڌرتي ديوانا ٿيا، سوين سالڪ سلطان،
توکي ويدن ويراڳي ڪيو ٻيو گيتا جي گيان،
مون کي مڏ مستانو ڪيو پريتم تنهنجي پيمان،
راڌا تنهنجو ڪان، مون ساويرو صحي ڪيو.

* * *

سرچي پنھنجي من سين وٽ گروءَ سندو گيان،
تون املھ ھئين عميق ۾، پنھنجو پاڻ سڃاڻ،
تو ۾ وڄن بانسريون، سوين ساز سامان،
ميران خاطر من ۾ ھئين ساڳيو سرت سبحان،
جنھن نانڪ نوازيا ڪيترا سو توئي سبحان،
تون خالق مالڪ ملڪ جو تون ڪامل ڪشتي بان،
پوءِ ڪھڙي ثمر ڪاڻ، پيو ٻاڏائين ٻين ڪي.

* * *

جن ٻاڏايو ٻين ڪي، سي مورک شال مرن،
دھشت سندي دم ڪان ٿا ڪائنرا ڪنبن،
مورت پسي من ۾ ٿا "شيدائي" مرڪن،
سي ڪيئن بيگ گھرن، جن پنيو پاڻ پرياڳ ڏي،

* * *

گوڪل ۾ گرنار جا سنگ سيئي توڙ
بي رنگ اندر رتڙيا تن سان ٿيءُ جوڙ
مدن منوھر سپرين، ھيرو جنم جوڙ
تان مرلي سندو ٻول، ٻڌي بيراگي بن ۾.

* * *

جوين جن جلايا، سي ڪجاڙو ڪنبن،
پوتر ٿيا پريم سين، سدا ميگھ وسن،
سي ويراڳي چئجن، جن جوت پسي جڳ ۾.

* * *

پسي جوت جڳن ۾، جڳ جڳ سي جيئن،
پاڻ پيرا چيني هئا، سي ڪلجڳ ڪيئن رکن؟
هلڻ هارا سپرين، شل موتي ماڳ اچن،
مون کي پور پون پل پل تن جي پريم جا.

* * *

سجڻ جي وصال جا آءُ کهڙا قول چوان،
ڪيان ته ڪات لڳي، مانيان مول مران،
توڙي سچ چوان، ته به منيان لڳي لوڪ کي.

* * *

پوتر ٿي پرياڳ ڏي، چڙي سيني جو سرير،
پاڻ پڏاري پاڻ کي ساجن ٿيو سڏير،
انت ان اُڪير، پارس ڪيو پاڻ کي.

* * *

ڪيرت ڪيڏي قلب مان وٺ نيم سندو نام،
جنهن ڪنس ڪنبايا، تو گوڪل سندو گام،
پرگهٽ ٿئين پرٿويءَ کي چڙي برهم سندو جام،
هاڻ آڪاشي اڏام، ته بند ٽٽنئي باند جا.

* * *

مؤرخ ڪوڙي موهه ۾ وينو ڪوڙ ڪمائين ڪچ،
گهوٽ گهڙي پنهنجي گهٽ ۾ پرواني جيان پچ،
جيئن ٻاهر ٻاڦ نه نڪري، اندر ڪامي مچ،
سياڻي صوفي چوي توسان ساڻيهه ٿيندو سچ،
انهيءَ تات پرچ، ترت تڪو ڪيو تن کي.

مولائي شيدائيءَ جي شاعريءَ جي آخري دؤر ۾ هڪ ابتدائي غزل پيش ٿو ڪجي. هي غزل توڙي جو فني نقطہ نظر کان ڪچو ۽ گهٽي قدر ناقص آهي، پر ان مان مولائي صاحب جي فڪر جي بلنديءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

حسن جي عشق پيچان کان خدارا يار توبهہ ڪر،
برهہ جي تير بيڪان کان خدارا يار توبهہ ڪر.

سمجهي رک پير هن پڙ ۾، اگر آهين ذرو عاقل،
ستم جي ساز سامان کان خدارا يار توبهہ ڪر.

سٿين ٿو سيف زلفن جا، پچين ٿو برهہ جون بڙچيون،
نگاهہ لوڪ مزگان کان خدارا يار توبهہ ڪر.

سمجهي وٺ ساز حرفت کي شهيد ناز شيدائي،
ازل جي پر پيمان کان خدارا يار توبهہ ڪر.

رحيمداد خان مولائي شيدائيءَ تي حضرت سچل سرمست جي ڪلام جو وڏو اثر هو. هو پنهنجون ٺاهيل ڪافيون دل جي درد سان جهونگاريندو هو. دل گهريا دوست جڏهن بہ سائس ملڻ ويندا هئا تہ انهن کي پنهنجون ڪافيون سُر سان ڳائي ٻڌائيندو هو. سندس هڪ ڪافي هيٺ ڏجي ٿي:

عاشق عشق ڪمائين ٿا، عشق نہ آهي اٽڪل بازي،
ڪيڏن مرد ٿا ڪي ڪي غازي.

سر جو سانگو لاهين ٿا.

عشق جو مڪتب آهي الاهي، پڙهن منجهس ٿا خان ختابي،

وصل جا ورق ورائين ٿا!

عشق جي منزل آهي عالي، شاهه گدا نت ٻئي موالي،

پتنگ تي پاڻ پچائين ٿا!

عشق اسان وٽ اڱڻ تي آيو بخت اسان کي آهه پڙايو،

برهه برباران وسائين ٿا.

عشق عقل جي آهه لڙائي، رندي زهد جي جنگ جاري،

بحري باز بچائين ٿا.

چوي 'مولائي' مست درازي کٽڻ هارڻ آهي بازي،

شاهي طبل وڄائين ٿا.

مولائي شيدائي نه رڳو ناميارو تاريخدان هو پر هو مختلف وقتن تي شعر پڻ چوندو هو. سندس سورهن بيت، ٻه ڪافيون ۽ هڪ غزل موجود آهي.

## رحيمداد ”مولائي شيدائي“ ڪيئن بڻيو؟

رحيمداد خان هڪ ريلوي جوگارڊ هو. هو پنهنجو سمورو وقت ستاره سنڌ جي دفتر ۾ پير علي محمد شاهه راشدي سان گذاريندو هو. هڪ دفعي پير علي محمد شاهه راشدي ۽ پير حسام الدين شاهه راشدي هن لاءِ ڪو فرضي نالو تجويز ڪيو. اُن وقت مولانا دين محمد وفائي موجود هو. ٽنهي پيرن جي تجويز ڪيل نالي ”مولائي شيدائي“ کي هن لاءِ مخصوص ڪيو ويو.

## وفات:

رحيمداد خان مولائي شيدائي تمام غريبي ۽ مسڪينيءَ واري حالت ۾ پنهنجي نائي الهنور بروهيءَ جي ٻئراج ڪالوني سکر واري گهر ۾ 83 ورهين جي ڄمار ۾ 12 فيبروري 1978ع تي وفات ڪري ويو. سندس آخري آرام گاهه آدم

شاھ جي ھيٺان قديمي تاريخي قبرستان سکر ۾ آھي. ھن وقت قبرستان ۾ ڪجھ قبرون بچيون آھن، باقي سڄو قبرستان ماڻھن جي قبضي ھيٺ اچي ويو آھي. مولائي صاحب جي قبر بہ خستہ حال ۾ موجود آھي.رحيمداد خان مولائي شيدائي جي وصيت ڪئي ھئي تہ کيس سنڌ جي علمي ادبي مرڪز بکر ۾ دفنن ڪيو وڃي پر سندس ايڏي وڏي خدمت جي عيوض کيس اتي دفن ڪرڻ جي اجازت نہ ملي.[6]

سندس تاريخ تي ڪيل ڪم کان علاوه سندس شاعراڻو ذوق پڻ سنڌي ادب جو اھم حصو آھي.

## حوالا:


1. صديقي، مقبول،"رحيمداد خان مولائي شيدائي"، ٽماھي مھراڻ، 1957ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ص 535.
2. ايضاً، ص 534.
3. قدوسي، اعجاز الحق، "تاريخ سنڌ"، جلد چوٿون، اردو سائنس بورڊ، لاھور، 2004ع، ص 294.
4. پٽي،رشيد،"وڻني ڏکندوڏُورٽئي"،سوانح حيات رحيمداد خان مولائي شيدائي، ص49.
5. قاسمي، غلام مصطفيٰ، "ايڏو شان شعور"، علامہ غلام مصطفيٰ جا الرحيم ۾ لکيل ايڊيٽوريل، علامہ قاسمي چيئر، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، 2005ع، ص.129.
6. براھوي، جوھر، "براھوي تخليق ڪار"، براھوي اڪيڊمي، ڪوئيٽا، 2000ع، ص 66.